# خريف ۾ ٿيندڙ پاچين جي پوک جو طريقو

# مرچن جي پوک










**Islamic Relief Pakistan**

**&**

**Agriculture Extension Department Thatta**



# مرچ (Chilies)

پوکيءَ جو وقت: منڊائتي پوک ـ فيبروري کان مارچ

ٻيجارو: فيبروري – مارچ

رونبو: مارچ

پوکيءَ جو طريقو: جيڪڏهن ٻيجارو هجي تہ ٻيجاري ذريعي نہ تہ سڪي ٻج کي ٻہ چار ڪلاڪ پاڻيءَ ۾ پسائي رکڻ کان پوءِ ڏيڍ کان ٻن فوٽن جي مفاصلي تي ٻج پوکجي.

پاڻي: هڪ واري ڦوهاري سان هڪ نہ ٻئي ڏينهن ضرورت مطابق ٿڌ واري وقت تي ڦوهارو ڪبو رهجي.

پاڻي جو طريقو: 8 کان 10

لابارو: اگسٽ کان ڊسمبر

پيداوار في ايڪڙ: 30 کان 35 مڻ

ٻاڻ: في ايڪڙ ٻہ ٽرڪون

ڪيميائي ڀاڻ: يوريا 2 کان 3 ٻوريون

ڊي اي پي 1 کان 2 ٻوري

پوٽاش 1 ٻوري

جنسون: لونگي

ٽال

نگينا

صنم





سائو مرچ گرميءَ جي موسم جي سبزي آهي، جيڪو اسان جي ملڪ ۾ تمام گهڻو ڪاڏو وڃي ٿو. سنڌ ۾ مرچن جي پوک وڏي پئماني تي ٿئي ٿي ۽ آبادگار مرچ مان تمام گهڻي اُپت پڻ حاصل ڪن ٿا. سموري ملڪ ۾ مرچ جي اُپت جو 90 سيڪڙو سنڌ فراهم ڪندو آهي ۽ ڪنريءَ ۾ ايشيا جي سڀ کان وڏي مرچ منڊي آهي، جتي مختلف شهرن مان آبادگار مرچ ڪٽي اچي وڪرو ڪن ٿا ۽ وڏي پئماني تي منافعو ڪمائين ٿا. مرچ جي فصلن سان روزانو ڪروڙين رپين جو ڪاروبار ڪرڻ واري هيءُ هڪ وڏي مرچ جي منڊي آهي- اڍائي لک کان وڌيڪ آبادي وارو هي تعلقو ڪنري مرچ جي پوک ۾ سڀ کان اهم علائقو آهي-

زراعت کاتو گرميءَ جي موسم ۾ ٻين سبزين سان گڏ مرچ جي پوک پڻ مارچ مهيني تائين مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪري ٿو. هن سبزيءَ جي واڌ ويجھ لاءِ بهترين گرمي پد 20 کان 35 ڊگري سينٽي گريڊ هوندو آهي.



مرچن جي پوک لاءِ بهتر نيڪال اور نامياتي مادن واري زرخيز زمين گهربل هوندي آهي. ٻج جي ڦوٽاري جي



شرح 80 سيڪڙو کان گهٽ نہ هجي. جڏهن تہ زراعت کاتو مرچن جي پوک پنيريءَ ذريعي ڪرڻ جي سفارش ڪندي اها هدايت ڪري ٿو تہ جڏهن پنيري جي عمر 30 کان 35 ڏينهن ٿي وڃي تہ پنيري کي پٽڙين تي سفارش ڪيل فاصلي موجب منتقل ڪيو وڃي. زرعي ماهر زرعي مرچ جي پنيريءَ جي پوک کي 31 آڪٽوبر تائين مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪن ا. مرچ جي پنيريءَ جي پوک لاءِ آڪٽوبر مهينو انتهائي اهميت جوڳو آهي. گڏوگڏ ڪمرشل بنيادن تي پوک کان علاوه گهريلو سطح ي بہ عوام آڪٽوبر جي دوران سائي مرچ جي پنيري جي پوک ڪري سگهن ٿا. ماهرن جو چوڻ آهي تہ سائي مرچ جي پنيريءَ جي پوک لاءِ منظور ٿيل قسمن جا ٻج گولہ پشاوري ۽ تاتا پوري جي چونڊ ڪئي وڃي تہ جيئن سائي مرچ جي بهترين پيداوار حاصل ڪري سگهجي.

سائي مرچ جي پنيري جي پوک لاءِ اهڙي زمين جي چونڊ ڪئي وڃي جي پاڻيءَ جو بهتر نيڪال موجود هجي. آبادگارن







کي گهرجي تہ هو زمين جي تياريءَ کان اڳ ڇيٽي جو سڙيل ياڻ ڏيڍ مڻ في مرلہ جي حساب سان وجهڻ ڪانپوءِ زمين ۾ هڪ ميٽر ويڪرا ڪيريا ٺاهن. چار کان پنج مرلہ ۾ بہ کان ٽي انچن تائين لائينن جي وچ واري فاصلي تي اڌ ڪلو گرام ٻج پوکيو وڃي. آبادگار ٻجن جي پوک ڪانپوءِ انهن جي پنن کي ڀُريل سڙيل ياڻ سان ڍڪي ڇڏين تہ جيئن ڪيرين ۾ نمي برقرار رهي. جڏهن تہ ڪيرين کي ڍڪڻ کان هڪدم پوءِ ڦوهاري سان اهڙي نموني پاڻي ڏنو وڃي تہ جيئن زمين پوسل واري رهي. ان ڏس ۾ وڌيڪ ملومات لاءِ زراعت جي ماهرن يا زراعت کاتي جي فيلڊ اسٽاف سان بہ رابطو ڪري سگهجي ٿو.

**مرچن کي لڳندڙ بيمارين ۽ انهن جون علامتون:**

**آڳاٽو سيڪ:** هن بيماريءَ ۾ 24_30 سينٽي گريڊ گرمي پد ۽ هوا ۾ 60 سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ نمي تمام موزون آهي. هيءَ بيماري ٻين سبزين سان گڏ سائي مرچ تي حملو ڪري ٿي. هن بيماريءَ جي ڪري ٻوٽن تي ڀوري رنگ جا ڪاراڻ مائل هڪ جيترا گول





داغ تي وڃن ٿا. جيڪي سمورن پنن ۽ ٽارين تي پکڙجي وڃن ٿا. بيماريءَ جي حملي جي شدت جي صورت ۾ ٻوٽو سيڪيل يا سڙيل نظر اچي ٿو.

**سفيد مولڊ:** هيءَ بيماري ڦقوند جوهڪ قسم آهي. هيءَ بيماري 20_25 سينٽي گريڊ گرمي پد ۽ وڌيڪ نمي واري زمين ۾ ظاهر ٿيندي آهي. زمين جي ويجهوٿُڙ تي هلڪا ڀوري رنگ جا داغ ٿين ٿا، جنهن سبب ٿُڙ ڳري وڃي ٿو ۽ هيءَ بيماري پوري ٻوٽي تي پکڙجي ويندي آهي. ڪجھ ئي ڏينهن ۾ ٻوٽي جي سطح تي اڇي مائي سيليئم جو هڪ تهه ۽ ڪاري رنگ جا داڻا نظر اچڻ لڳندا آهن-

**ڊاڪٽو سيڪ:** هيءَ بيماري ٻين سائي مرچ، شملہ مرچ ۽ ٽماٽي جي فصل تي حملي آور ٿئي ٿي. جيڪا ڦقوند جي هڪ قسم ذريعي پکڙجي ٿي. ان لاءِ گرم موسم موزون هوندي آهي. هن بيماريءَ ۾ ٿُڙ جي ان حصي تي ڦقوند جو حملو ٿئي ٿو جيڪو زمين جي پيوست يا زمين کان ٿورو مٿي هوندو آهي. ان هنڌان ٿُڙ ڳرڻ لڳندو آهي ۽ گڏوگڏ ٻوٽن جا مٿيان حصا خشڪ ٿي ويندا







آهن. جيڪڏهن ٿُڙ ان حملي کان بچڻ لاءِ مزاحمت ڪري ٿو ته ڦقوند ٿُڙ سان گڏ مٿي ۽ چوڌاري وڌڻ لڳي ٿي. ڪجھ ئي ڏينهن ۾ ٻوٽن جي متاثر سطح تي اڇاڻ مائل سيليئم جو هڪ تهه ۽ ڪاري رنگ جا داڻا نظر اچڻ لڳن ٿا. جيڪي شروع ۾ اڇا، پوءِ ڳاڙها يا سنهري ڀورا ٿي وڃن ٿا. آخرڪار اهي سرنهن جي ٻج جهڙا ٿي وڃن ٿا، ان ڪري ئي اڪثر ان ڦقوند کي سرنهن جي ٻج واري ڦقوند بہ چيو ويندو آهي.

**وائرسي بيماريون:** هي بيماريون رس چوسيندڙ ڪيڙن سست تيلي ۽ اڇي مک جي ڪري پکڙجن ٿيون، جنهن سان متاثر ٻوٽا قد ننڍا ڪن ۽ پنن جون ڪنڊون مٿان کان مڙڻ شروع ٿي وينديون آهن. جنهن جي ڪري ٻوٽي جي واڌ ويجھ بيهجي وڃي ٿي. وائرسي بيماريون گهڻو ڪري سائي مرچ، شملہ مرچ، ٽماٽي، گدري، ڪدو ۽ ڪيري تي حملو ڪن يون. ان بيماريءَ کان بچاءُ لاءِ رس چوسيندڙ ڪيڙن جو ت دارڪ ڪيو وڃي ۽ بيماريءَ









ڪان متاثر ٿيل ٻوٽا ٻنيءَ مان ڪڍي ضايع ڪيا وڃن.

**ٽُڙ ۽ پاڙ جو سڙڻ:** هيءَ بيماري ڦفوند جي هڪ قسم جي ڪري ٿئي ٿي ۽ ٻوٽن کي تمام گهڻو نقصان پهچائي ٿي. جيڪڏهن هن جو بروقت تدارڪ نہ ڪيو وڃي تہ سمورو فصل ختم ٿي وڃي ٿو. ان جو حملو سائي مرچ ۽ شملہ مرچ تي وڌيڪ ٿئي ٿو. سڀ کان پهرين پاڙ جي ويجهو واري ٽُڙ تي ڪاراڻ مائل داغ ٿين ٿا. جيڪي ٻوٽن جي ٿوڙ تي پکڙجي ڪارا نشان ڇڏين ٿا. جنهن سبب ٻوٽي جي مٿين حصي کي خوراڪ ملڻ بند ٿي وڃي ٿي ۽ ٻوٽو مرڻ لڳي ٿو. بعد ۾ هڪ ٻن ڏينهن ۾ مڪمل سُڪي وڃي ٿو. جيڪڏهن بيماريءَ جو بروقت تدارڪ نہ ڪيو وڃي تہ زمين ڪجهہ ڏينهن ۾ مڪمل تباهہ ٿي وڃي ٿي. ان جي تدارڪ لاءِ فصل کي وٽ تي اهڙي نموني پوکيو وڃي جو پاڻي ٻوٽن تي نہ چڙهي بلڪ پاڻي سمجي ٻوٽن کي ملي. پنيري کي ٻنيءَ ۾ منتقل ڪرڻ وقت زرعي توسيع کاتي جي سفارش ڪيل ڦفوند مار زهر ۽ پاڻيءَ جو محلول ٺاهي ان ۾ ٽُڙ ۽ پاڙن کي ٻوڙڻ بعد ٻوٽن کي ٻني ۾ منتقل ڪيو وڃي. ڪنهن بہ بيماريءَ جي شديد حملي جي صورت ۾ زراعت کاتي (توسيع ۽ پيسٽ وارننگ) جي فيلڊ عملي جي سفارش ڪيل زهرن جو استعمال ڪريو.